SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1985

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1985

سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985

THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1985

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1982

3. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14_A جي شموليت
Insertion of Section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1985

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1985

سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985

THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1985

[24 جون 1985]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل

اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1985 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1982

2. ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 (جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس، سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 14 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ڇهہ مهينا" لاءِ لفظ "هڪ سال" متبادل ٿيندا؛

(ii) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "هڪ سال" لاءِ لفظ "ٻہ سال" متبادل ٿيندا.

1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14_A جي شموليت
Insertion of Section 14_A of Sindh Ordinance V of 1982

3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 14 کانپوءِ هيٺين دفعہ 14_A شامل ڪئي ويندي:

"14_A. ڪو بہ شخص جيڪو سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 تحت يا ان تحت جوڙيل قاعدن يا سوسائٽي جي باءِ لاز تحت سوسائٽي جي ڪنهن عهدي تان هٽايو ويو آهي يا آفيس رکڻ کان نااهل ڪيو ويو آهي اهو دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (1) تحت چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اهل هوندو. جيستائين ٻہ سالن جو عرصو يا گهٽ عرصو جيئن حڪومت ڪنهن معاملي ۾ بيان ڪري، ان جي برطرفي يا نااهلي، جيئن

معاملو هجي، کي گذري ويو هجي.“.

نوٽ: آرڊيننس جو مذکوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيکو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.